SPCS
SINDH PRISONS & CORRECTIONS SERVICE

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

حکومت سندھ

# قانوني مدد




# 01

**قاسم:** السلام اعليڪم ادا! اوهان جو نالو ڇا آهي، ۽ توهان ڪهڙي ڏوهه ۾ جيل آندا ويا آهيو؟

**آصف:** ادا منهنجو نالو آصف آهي، مون ڪوئي ڏوهه ڪونهي ڪيو. آئون پنهنجي گهر وڃي رهيو هيس ته رستي ۾ ڪجه پوليس وارن مونکي روڪيو. پڇا ڳاڇا ڪرڻ کانپوءِ منهنجي تلاشي ورتائون پر هنن کي مون وٽان ڪا به غير قانوني شيءِ هٿ ڪونه آئي پر ان جي باوجود هنن مونکي چيو ته اگر تون اسان کي ڪجه پئسا ڏيندين تڏهن ئي توکي ڇڏينداسين. منهجي انڪار ڪرڻ تي مونکي پڪڙي ٿاڻي وٺي ويا اتي مون مٿان ڦر جو الزام هڻي، ڪوڙو مقدمو ٺاهي هيڏانهن اماڻي ڇڏيائون. ادا! آئون هڪ مسڪين ماڻهون آهيان مون وٽ هتان نڪرڻ لاءِ ڪو وسيلو ڪونهي ۽ نه ڪي مون وٽ ايترا پئسا آهن ته پنهنجي لاءِ ڪوئي خانگي وڪيل ڪري سگهان



02




**قاسم:** ادا توهان ڳڻتي نہ ڪيو، توهان سنڌ حڪومت پاران ڪنهن قابل ۽ تجربي ڪار وڪيل جون خدمتون حاصل ڪري سگهو ٿا. منهنجي ڄاڻ موجب پنهنجي مقدمي ۾ قانوني نمائندگي حاصل ڪرڻ توهان جو بنيادي حق آهي ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت توهان جهڙن اپوجهه قيدين جي قانوني مدد ۽ اصلاح ڪاري ڪارڻ هڪ ڪاميٽي جوڙي آهي جنهن جو ڪم اهڙن مستحق قيدين کي وڪيلن جون خدمتون فراهم ڪرڻ آهي جن وٽ خانگي وڪيل ڪرڻ لاء مالي وسيلا نہ هجن.

**آصف:** تمام ڀلو! ڇا توهان مونکي ان باري ۾ وڌيڪ ڪجھ ٻڌائي سگهو ٿا؟ آئون هنن سان رابطو ڪيئن ڪري سگهان ٿو؟

03



**قاسم:** هنن تائين رسائي حاصل ڪرڻ جا ڪوڙ طريقا آهن. هنن پاران مقرر ٿيل وڪيل جيل ۾ اڪثر اچن ٿا ۽ نوان ايندڙ قيدي ۽ اهڙا قيدي جن جا ڪيس اجان هلندڙ آهن انهن جا انٽرويو ڪرن ٿا. توهان انهن جي جيل واري دوري دوران هنن سان ملاقات ڪري سگهو ٿا، هو توهان جو بہ انٽرويو ڪندا جنهن کان پوء توهان پاران عدالت ۾ پنهنجو وڪالت نامو داخل ڪرائيندا. ان ڏس ۾ توهان جيل سپريٽينڊنٽ سان بہ رابطو ڪري ڪيس ڪاميٽي تائين رسائي لاء درخواست ڪري سگهو ٿا


# 04

**آصف:** پر... مونکي ٿورو خدشو ٿئي ٿو تہ اگر ھو اھي سموريون خدمتون بغير ڪنھن رپئي پئسي جي ٿا ڪرن تہ ڇا اھي منھنجو مقدمو گھربل سنجيدگي سان وڙھندا؟

**قاسم!** ھائو! ھو سڀ ان ڪم لاء اھل ۽ قابل آھن، ڇو تہ ھو توھان جھڙن ڪئي ھزار قيدين جا ڪيس ڪٽي انھن کي انصاف ڏيارئي چڪا آھن. توھان سنڌ حڪومت جي قانوني مشاورتي ھيلپ لائين 080070806 تي فون ڪري بہ پنھنجي قانوني مسئلن جي باري ۾ قابل وڪيلن پاران صلاحون حاصل ڪري سگھو ٿا.

آصف: ڇا ان جي ڪائي في آھي؟

**قاسم:** نہ! اھا خدمت بہ مفت ۾ ڏني پئي وڃي. اگر توھان صبح نائين وڳي کان شام پنج وڳي تائين ڪال ڪريو ٿا تہ توھان جو سڌو سنئون رابطو ڪنھن وڪيل سان ٿي ويندو. پر اگر توھان ان وقت کان سواء ڪال ڪندا تہ خودڪار سسٽم وسيلي توھان پنھنجو مسئلو رڪارڊ ڪرائي سگھندا ۽ ان جي ٻئي ڏينھن تي توھان کي پاڻ ڪال ڪري توھان جي مسئلي بابت صلاح ڏني ويندي. بھتر تہ اھو آھي جو توھان صبح نائين وڳي ۽ شام پنج وڳي جي وچ ۾ ڪال ڪرڻ کي اوليت ڏيو.







**آصف:** لک ٿورا قاسم ياء! توھان تہ منھنجو مسئلو حل ڪري ڇڏيو، ھن ذھني اذيت منجھان منھجي جند آجي ڪرائي. آئون ليگل ايڊ ڪميٽي جي وڪيلن جي جيل واري دوري جو انتظار ڪندس ۽ ھنن جي اچڻ شرط ھنن سان ملي پنھنجو مسئلو ٻڌائيندس

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

### ہیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

---

### فون

ٹول فری : 0800-70806

ہیڈ آفس : 021-35390132-33

کال سینٹر آفس : 021-35308533

---

| ای میل | فیس بک | ویب سائٹ |
| --- | --- | --- |
| info@lao.org.pk | @LegalAidOfficePakistan | www.lao.org.pk |

---

خاکہ نگار

سحر سطوت

---